
Rotary

ROTARY: MAKING A DIFFERENCE

# حفاظتي ثكن جو

# معلوماتي كتاب



ROTARY INTERNATIONAL

DISTRICT 3271 - 3272

حفاظتي ثيكاٻارن جي يقيني صحت مند مستقبل جاضامن

# قوت مدافعت



حفاظتي ٽڪن جي ذريعي بيمارين يا انفيڪشن جي خلاف پنھنجي قوت مدافعت واڌائي سگھجي ٿي. ھي حفاظتي ٽڪا جسم جي پنھنجي دفاعي صلاحيت کي وڌائن ٿا. جنھن جي ڪري خطرناڪ بيمارين کان بچي سگھجي ٿو.

## حفاظتي ٽڪا لڳائڻ ڇو ضروري آھن؟



بيمارين کان بروقت بچاءُ ضروري آھي. ڇو جو خطرناڪ بيمارين سان موت واقع ٿي سگھي ٿي ۽ ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ جي لاءِ حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ نھايت ضروري آھن. حفاظتي ٽڪا ٻارن کي ٽي بي، پوليو، خناق، تشنج، خشڪ ڪاري کنگھ، ھيپاٽائيٽس بي، خسره ۽ نمونيہ جھڙين خطرناڪ بيمارين کان بچائين ٿا.



اسان جا ٻار اسان جي خوشين جو مرڪز ۽ اسان جي مستقبل جو سھارو آھن. اسان جو فرض آھي تہ انھن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائيون ۽ انھن کي ھڪ صحت مند ۽ روشن مستقبل ڏيون.



الله تعالي توھان کي ۽ توھان جي ٻار کي ھڪ سٺي ۽ صحت مند زندگي عطا ڪري. آمين.

# ٽي بي يا ٽپدق



ٽي بي جراثيم جي ذريعي لڳڻ واري بيماري آهي. هن جا جراثيم مريض جي ساهه ۽ ڪنگهه مان هوا ۾ ٿيندا ٻين ماڻهن تائين پهچن ٿا ۽ خاص طور ٻار جلدي متاثر ٿين ٿا.



## علامات/نشانيون

ٿڪاوٽ، بخار، رات جو پگهر، ڪنگهه سان گڏ بلغم ۽ آخر ۾ ڪنگهه ۾ خون به اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو.

## پيچيدگيون



بروقت علاج نه ڪرڻ جي صورت ۾ سڄو ڦڦڙ خراب ٿي وڃي ٿو.

## بي سي جي



هي ويڪسين ٻار کي پيدائش جي فورا بعد ساڄي ٻانهه ۾ لڳائي ويندي آهي ۽ ٻار ٽي بي کان محفوظ رهي ٿو.



# پوليو

پوليو ٻارن ۾ معذوري پيدا ڪري ٿي. هيءَ هڪ چوت بيماري آهي جيڪا وائرس سان پکيڙجي ٿي.



## علامات /نشانيون

بخار، سردرد، ٿڪاوٽ، اُلٽي، ٻانهن يا ٽنگن ۾ سور، ڪنڌ ۾ چڪ ۽ دست.

## پيچيدگيون

هي وائرس خون جي ذريعي اعصابي نظام تي حملو ڪري ٿو ۽ ٻار فالج جو شڪار ٿي وڃي ٿو.



## ويڪسين Pentavalent

هي ويڪسين لنگڙي ٿيڻ کان بچاءُ ڪري ٿي.



* پهرين خوراڪ - ڇهه (6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# خناق



هيءُ ڇوت جي بيماري آهي جيڪا هڪ خاص جراثيم سان هڪ مان ٻئي مريض تائين پهچي ٿي. هيءُ بيماري گهڻو ڪري سياري جي موسم ۾ 15 سال کان گهٽ عمروارا ٻار جن کي حفاظتي ٽڪو نہ لڳل هوندو آهي انهن ۾ ٿئي ٿي.

## علامات /نشانيون



گلي ۾ شديد درد، گلي ۾ گوڙهيون، بخار ۽ ٿڪاوٽ

## پيچيدگيون



هيءُ وائرس خون جي ذريعي اعصابي نظام کي خراب ڪري ٿو، جنهن سان فالج ۽ دل جو نظام متاثر ٿئي ٿو ۽ موت بہ واقع ٿي سگهي ٿي.

## ويڪسين Pentavalent



هن جي ويڪسين Pentavalent آهي. هن جون ٽي خوراڪون ڏنيون وڃن ٿيون.

* پهرين خوراڪ - ڇهہ (6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# ڪاري کنگهه



ڪاري کنگهه ساهه جي نليءَ ۾ هڪ خاص جراثيم ڪري پيدا ٿيندي آهي. هن بيماريءَ جي سڃاڻ لڳاتار کنگهه آهي. جنهن جي آخر ۾ whoop جي آواز ايندي آهي. هيءُ هڪ وچڙندڙ بيماري آهي. هن جو جراثيم متاثر ٻار مان ٻئي ٻار تائين وات ۽ نڪ جي ذريعي پهچندو آهي.

## علامات /نشانيون



زڪام، ڇڪون، هلڪي کنگهه، هلڪو بخار- هڪ ٻن هفتن کان پوءِ کنگهه جا دورا شروع ٿي ويندا آهن جنهن ۾ ٻار جو رنگ ڳاڙهو يا واڱڻائي ٿي ويندو آهي. کنگهه جي آخر ۾ whoop جو آواز يا وري اُلٽي اچي ويندي آهي.

## پيچيدگيون



ٻار جيترو ننڍو هوندو ڪاري کنگهه اوتري ئي خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. نمونيه، بار بار اُلٽي ۽ ساهه نه اچڻ جي ڪري دل ۽ دماغ کي نقصان پهچي سگهي ٿو. بلڊ پريشر جي گهٽتائي جي ڪري مختلف عضوا بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن

## Pentavalent ويڪسين



هن جي ويڪسين Pentavalent يعني پنج ويڪسين جو مرڪب آهي. هن جون ٽي خوراڪ ڏنيون وڃن ٿيون.

* پهرين خوراڪ - ڇهه(6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهه (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# تنشنج يعني Tetanus



هي مرض هڪ بيڪٽيريا جي ذريعي ٿئي ٿو. هي بيڪٽيريا خاص ڪري مٽي، ڪچري يا گندگي ۾ هوندو آهي. رستي تي يا ڪيڏن مهل گرائونڊ تي ڌڪ لڳڻ سان ڪليل زخم ۾ هي بيڪٽيريا خون ۾ شامل ٿي ويندو آهي. چار ڏينهن کان ٽن هفتن ۾ هن مرض جون علامتون ظاهر ٿين ٿيون. هيءَ بيماري وچڙدڙ نہ آهي

## علامات /نشانيون



پهرين علامت جاڙيءَ جو پاڻ ۾ ملي وڃڻ (Jaws Lock) آهي. ان کان علاوه ڪنڌ ۾ اڪڙ، ڪاڌو ڪائڻ يا ڪابہ شي ڳيهڻ ۾ مشڪل، ساهہ کڻڻ ۾ مشڪل، جسم ۾ اڪڙاهٽ بخار، گلي ۾ خرابي، نبض ۽ دل جي ڌڙڪن تيز هلڻ

## پيچيدگيون



اگر فوري علاج نہ ٿئي تہ ساهہ ۽ دل جو بند ٿيڻ، گردن جو ڪم نہ ڪرڻ ۽ موت بہ واقع ٿي سگهي ٿي.

## ويڪسين Pentavalent



هي Pentavalent ويڪسين هوندي آهي. هن جون پنج خوراڪون آهن.

* پهرين خوراڪ بہ (02) مهينن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ چار (04) مهينن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ ڇهہ (06) مهينن جي عمر ۾
* چوٿين خوراڪ ارڙهن (18) مهينن جي عمر ۾
* پنجين خوراڪ چارکان ڇهہ (4-6) سالن جي عمر ۾

# هيپاٽائيٽس بي يا جگر جي سوڄ



هڪ خاص قسم جي وائرس سان ٿيندي آهي. هي وائرس تمام جسماني رطوبتن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. جيڪا متاثره ماءُ مان پيدا ٿيل ٻار ۾، جنسي تعلقات سان، يا استعمال شده سرنج جي استعمال سان يا متاثره شخص جي خون ڏيڻ سان – ٻئي شخص ۾ منتقل ٿئي ٿي.

## علامات /نشانيون



شروع جي علامات نزلہ ۽ زڪام سان ملندڙ جُلندڙ آهن. ٿڪاوٽ، بي چيني، بک جو نہ لڳڻ اکين ۽ چمڙيءَ جي پيلاهٽ، بخار، درد، دست، پيٽ ۾ سور، الٽي.

## پيچيدگيون



پيلاهٽ يا يرقان، وات جي بدبوءِ ڪڙواهٽ گهري رنگ جو پيشاب.

## ويڪسين Pentavalent



هن جي ويڪسين Pentavalent آهي ۽ ٽي (3) خوراڪون ٻارن کي هن بيماريءَ کان محفوظ رکن ٿيون.

* پهرين خوراڪ - ڇهہ (6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# هيمو فلس انفلوئنزا



هي بيڪٽيريا مختلف بيماريون پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ سيني بيمارين ڪي ملائي ايچ آئي بي جي بيماري چيو وڃي ٿو. هن بيماري جا بيڪٽيريا خون ۾ انفيڪشن، دماغ جي لائنگ ۾ انفيڪشن، نمونيا، ڪنن جو انفيڪشن ۽ ڪيترائي انفيڪشن ٿي سگهن ٿا.

## علامات /نشانيون



بخار، سردرد، ڪنڌ ۾ اڪڙ، متلي، الٽي، روشني جي حساسيت به ٿي سگهي ٿي.

## پيچيدگيون



بروقت علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ هي بيماري خطرناڪ به ٿي سگهي ٿي. هن بيماري مان اٿڻ وارن ڪي دماغ، سماعت يا عضون جي خرابي ٿي سگهي ٿي.

## ويڪسين Pentavalent



هن جي ويڪسين Pentavalent آهي. هن جون ٽي خوراڪون ڏنيون وڃن ٿيون.

* پهرين خوراڪ - ڇهہ (6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# نمونيہ



ٻارن جي انفيڪشن کي نمونيہ چئبو آهي. جيڪو مختلف قسم جي جراثيم سان ٿي سگهي ٿو. جهڙوڪ: فنگس، بيڪٽيريا يا وائرس وغيره

## علامات /نشانيون



نمونيہ ۾ ٻار کي تيز بخار، تيز ساھ، ٿڪاوٽ، بک جو نہ لڳڻ، کنگھ، نزلو، اُلٽي، سيني ۽ پيٽ ۾ سور ۽ سردي لڳندي آهي. ۽ آخر ۾ چپ ۽ ناخن ڪارا ٿي وڃن ٿا.

## پيچيدگيون



بر وقت علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٻار جي موت بہ واقع ٿي سگهي ٿي.

## ويڪسين Pentavalent

نمونيہ جي ويڪسين Pentavalent ويڪسين سان گڏ ڏني ويجي ٿي ۽ هن جون ٽي خوراڪون آهن.



* پهرين خوراڪ - ڇهہ (6) هفتن جي عمر ۾
* ٻي خوراڪ - ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾
* ٽين خوراڪ - چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

# خسره



خسره هڪ وچڙدڙ ڦقڙن جو انفيڪشن آهي. هن جو جراثيم ڇڪ يا ڪنگھ مان هوا جي ذريعي ٻئي تائين پهچي ٿو. پهرين هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ وچڙڻ جو خطرو زياده آهي. نومولود ٻار ڇهه (6) مهينا هن بيماريءَ کان محفوظ رهي ٿو. اها قوت مدافعت ماءُ مان منتقل ٿئي ٿو.

## علامات /نشانيون



منهن ۽ سڄي جسم تي ۽ وات ۾ ڳاڙها داڻا ظاهر ٿين ٿا.

## پيچيدگيون



شديد نمونيہ، شديد دست ۽ پاڻي جي ڪمي، ڪنن جو انفيڪشن، انڌي ٿيڻ جو خدشو، دماغ جي سوڄ. هي بيماري ٻار ۾ مستقل معذوري ۽ موت جو سبب بہ ٿي سگھي ٿي.

## ويڪسين



* پهرين خوراڪ - 9 مهينن جي عمر مڪمل ٿيڻ تي.
* ٻي خوراڪ - 15 مهينن جي عمر مڪمل ٿيڻ تي.

# روٽا وائرس

هن بيماريءَ جو وائرس سڄي دنيا جي معصوم ٻارن ۾ ڊائريا، اسهال يا دستن جو هڪ عام وائرس آهي. هي وائرس براز-وات مان جي ذريعي پکيڙجي ٿو. هي وائرس هٿن ۽ کيڏڻ جي رانديڪن مان هڪ ٻار مان ٻئي ٻار تائين آسانيءَ سان پهچي ٿو.



## علامات /نشانيون



عام علامت پاڻيءَ جهڙا دست، ان جي ڪري بخار، پيٽ ۾ سور ۽ الٽي بہ ٿي سگهي ٿي

## پيچيدگيون




دست ۽ الٽي جي ڪري جسم ۾ پاڻيءَ جي شديد گهٽتائي. اگر علاج نہ ڪيو وڃي تہ موت بہ واقع ٿي سگهي ٿي.

## ويڪسين



* پهرين خوراڪ - 12-6 ڇهہ-ٻارنهن هفتن جي عمر ۾
* ۽ آخري خوراڪ جي وڌ ۾ وڌ عمر 32 هفتا آهي.

# GROWTH RECORD CHART




| | |
|---|---|
| KEEP BREAST FEEDING AS LONG AS POSSIBLE, AT AGE OF 6TH MONTH START FEEDING SOLID FOODS SO THAT THE CHILD IS EATHING ALL FAIMLY FOODS BY 18 MONTHS. | جہاں تک ممکن ہو ماں کا دودھ پلائیں۔<br>البتہ 6 ماہ کے بعد ٹھوس غذا تربیت کے مطابق کھلانا شروع کریں<br>تاکہ 18 مہینے کی عمر سے بچہ تمام غذا کھا سکے۔ |

## FOR DIARRHOEA (O.R.S.)

## دست کے لیئے

| | |
|---|---|
| MIX 1 PACKET OF O.R.S<br>IN 1 LITER DIRNKING WATER<br>& ADMINISTER AT SHORT INTERVALS | ایک پیکٹ (O.R.S.) ایک سیر پینے کے پانی میں حل کریں<br>اور بچے کو تھوڑا تھوڑا کر کے پلائیں۔ |

# SCHEDULE



## پيدائش جي فوري بعد



**BCG**
**OPV**

## ڇهه (6) هفتن جي عمر ۾

**PENTA-1** (DPT1 + HBV1 + Hib1)
**O.P.V.1**
**P.C.V.1**

## ڏهن (10) هفتن جي عمر ۾

**PENTA-2** (DPT2 + HBV2 + Hib2)
**O.P.V.2**
**P.C.V.2**

## چوڏهن (14) هفتن جي عمر ۾

**PENTA-3** (DPT3 + HBV3 + Hib3)
**O.P.V.3**
**P.C.V.3**

## نون (09) مهينن جي عمر ۾



**Measles**

## پندرهن (15) مهينن جي عمر ۾

**Measles Booster**

## ارڙهن (18) مهينن جي عمر ۾

**PENTA Booster**

ROTARY: MAKING A DIFFERENCE



حفاظتي ٽيڪاٻارن جي يقيني صحت مند مستقبل جاضامن

END POLIO NOW Pakistan National PolioPlus Committee

ROTARY DISTRICT 3271 - 3272
COMMITTEE FOR HEALTH
& DISEASE PREVENTION